# سُورتِ زِلزال

## (عبرت و نصيحت)

**30-December-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

30 ڊسمبر،2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعات جو بيان

# سُورت زِلزال

## (عبرت و نصيحت)

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ..........

❖... سڄي زندگي جي لاءِ زبردست نصيحت

❖... سورت زِلزال جو مرڪزي مضمون

❖... قيامت جي ڏينهن زمين شاهدي ڏيندي

❖... وقت برباد ڪرڻ اندازِ مسلماني ناهي

❖... عبرت ۽ نصيحت جا 5 مدني گل

پيشڪش
**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
**ترجمو**
**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي، اعتڪاف جي نيت ضرور ڪري ونو، نيت دل جي ارادي کي چوندا آهن، دل ئي ۾ نيت ڪري ونو تہ مان اعتڪاف سان آهيان، توهان معتڪف ٿي ويندؤ، دل ۾ نيت حاضر هوندي زبان سان بہ دهرائي وٺڻ سنو آهي، چاهي پنهنجي مادري زبان ئي ۾ چئي ونو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي.! اِنْ شَآءَ الله! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو،**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن اهو چيو:** جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ **تہ 70 ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تائين ان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا.**[(1)]

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر درود

ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ[(2)]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… معجم اوسط، جلد:1، صفحہ:82، حديث:235۔

[2]… قبالہ بخشش، صفحہ:164۔

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** سني نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان بہ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلمِ دِين سکندس ❖ پورو بيان ٻڌندس ❖ بااَدب ويهندس ❖ تَوَجُّه سان ٻڌندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سورت زلزال جي فضيلت

صحابي رسول حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن سورت زِلزال جي تِلاوت ڪئي، هي ان جي لاءِ نِصف (يعني اڌ) قرآن جي برابر آهي، جنهن سوره ڪافِرون جي تِلاوت ڪئي، هي ان جي لاءِ (قرآن جي) چوٿين حصي *(One 4th)* قرآن جي برابر آهي ۽ جنهن سورت اِخلاص جي تِلاوت ڪئي، هي ان جي لاءِ (قرآن جي ٽن حصن مان) هڪ حصي *(One 3rd)* قرآن جي برابر آهي.[2]

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی! گناہوں کی ہو دور دل سے سیاہی

پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ سورت زِلزال مَڪي (يعني هجرت کان پهريان نازِل ٿيندڙ) سُورت آهي ❖ ٽيهين سيپاري ۾، قرآنِ ڪريم جي مختصر سُورتن مان آهي ❖ هن سورت ۾ هڪ رڪوع، 8 آيتون ۽ 35 لفظ آهن.[3]

---

[1]... جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

[2]... ترمذی، کتاب: فضائلُ القرآن، صفحہ:672، حديث:2893۔

[3]... تفسير صراطُ الجنان، پارہ:30، سورۂ زلزال، جلد:10، صفحہ:787۔

# سچي زِندگي جي لاءِ زبردست نصيحت

قربان وڃو! هنن 35 لفظن ۾ اهڙي زبردست نصيحت ڪئي وئي آهي جو جيڪڏهن اسان صِرف هن هڪ نصيحت کي مضبوطي سان پڪڙيون ۽ هن تي پُوري طرح عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون تہ اسان جي سچي زِندگي سَنورجي سگهجي ٿي. هڪ ڀيري هڪ شخص پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيائين: يارسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي قرآنِ ڪريم جي ڪا هڪ جامِع سُورت پڙهايو! پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي سورت زِلزَال بُڌائي، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سورت سڄوري جي مڪمل تِلاوت ڪئي تہ ان شخص عرض ڪيائين: ان ذات جو قسم جنهن اوهان کي سچو نبي بڻائي موڪليو آهي! مان هميشہ هن تي قائِم رهندس ۽ هن مان واڌ نہ ڪندس. اهو چئي اهو شخص واپس هلي ويو. ان تي الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ ڀيرا فرمايو: اَفْلَحَ الرُّوَيْجِلُ اَفْلَحَ الرُّوَيْجِلُ ماڻهو ڪامياب ٿي ويو، ماڻهو ڪامياب ٿي ويو.[1]

حضرت زيد بن اَسلَم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيو، پياري آقا، سيد الانبيا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي فرمايائون: هن (نئين ايندڙ شخص) کي قرآنِ ڪريم سيکاريو...! اُن صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ان شخص کي سورت زِلزال سکائڻ شروع ڪئي، جڏهن ان سورت زِلزال جي ستين آيت سيکاري تہ ان شخص چيو: بَس! مون کي ڪافي آهي. اُن صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هن هينئر 7 آيتون ئي سکيون آهن ۽ چوي ٿو: مون کي ڪافِي آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هن کي ڇڏي ڏيو! هن کي فَقَاهت (يعني دِين جي سمجهہ) مِلي وئي آهي.[2]

---

[1]... سننِ ابو داؤد، کتاب الصلاۃ، صفحہ:230، حدیث:1399۔

[2]... تفسیر دُرِّ منثور، پارہ:30، سورۂ زلزال، جلد:8، صفحہ:596 ۔

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو قرآنِ ڪريم جي هي 35 لفظ (يعني مڪمل سورت زِلزال) جيڪڏهن انهن کي سمجهي ذِهن ۾ ويهاريو وڃي ۽ ڀانهو ان جي مطابق زِندگي گذاري ته اِن شَآءَ اللهُ الڪرِيم! سچي زِندگي ڪامياب گذرندي.

مری زندگی بس تری بندگی میں | ہی ہے اے کاش گزرے سدا یاالٰہی![1]

## سورت زلزال جو مرڪزي مضمون

بنيادي طَور تي سورت زِلزَال ۾ انسان جي ذِميداري (*Responsibility*) جو بيان آهي يعني اهو ٻڌايو ويو آهي ته انسان هن دُنيا ۾ بي لگام نه آهي بلڪ هي پنهنجي زِندگي جي هڪ هڪ منٽ جو خُود ذِميدار آهي، هي هن دُنيا ۾ چڱائي ڪري يا بُرائي ڪري، ان جو هر ننڍي ڪان ننڍو عمل به محفوظ رکيو ويندو، قيامت جي ڏينهن ان کي بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضِر ڪيو ويندو ۽ هو پنهنجي هر هر عَمَل جو جواب دِه هوندو. غرض: انسان هن دُنيا ۾ جانورن جيان نه آهي بلڪ هو پنهنجي زِندگي جي هڪ هڪ گهڙي جو پاڻ ذِميدار آهي، ان کي گهرجي ته هر گهڙي سوچي سمجهي پُوري ذِميداري سان گذاري. اچو! سورت زِلزال جي وضاحت ٻڌون ٿا.

## سورت زِلزال جي پهرين آيت جي وضاحت

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اِذَا زُلۡزِلَتِ الۡاَرۡضُ زِلۡزَالَهَا ۙ﴿۱﴾
(پاره:30، سورهٔ زلزال، آيت:1)

ترجمو ڪنز العرفان: جڏهن زمين ڏوڏي ويندي جيئن ان جو ڏُڏڻ طئي آهي.

زور دار جهٽڪا جيڪي بار بار اچن، انهن کي زلزلو چيو ويندو آهي.[2] زلزلا عام طور تي ايندا رهندا آهن ۽ هاڻي جديد دور آهي، اڄڪلهه ته زلزلن جي شِدَّت جي پيمائش به ڪئي ويندي آهي. ريڪٽر اسڪيل (*Richter Scale*) زلزلي جي

---

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:106۔

2 ... مفردات امام راغب، صفحہ:231۔

شِدَّت ماپڻ جو آلو هوندو آهي. سائنسي وضاحتن مطابق ❖ 3.0 کان وٺي 3.9 جي شِدّت جو جيڪو زلزلو ايندو آهي، ان ۾ اسان کي صِرف زمين جي ڌُڏڻ (Vibration) محسوس ٿيندي آهي ❖ 8.0 يا ان کان وڌيڪ شِدَّت جو جيڪو زلزلو ايندو آهي، هي ايترو سخت هوندو آهي جو سڄي شهر کي مٿائي ڇڏيندو آهي ۽ ان جي سبب جبلن جون چٽانون پڻ ٽُٽي ڪِرڻ لڳنديون آهن ❖ 1935 عيسوي ۾ پاڪستان جي شهر ڪوئٽه ۾ 7.8 جي شِدَّت جو زلزلو آيو هو، جنهن صِرف 30 سيڪنڊ ۾ سڄي شهر کي مليا ميٽ ڪري رکي ڇڏيو هو ❖ ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ 2005ء ۾ ايندڙ زلزلو جنهن ڪشمير ۽ KPK جي ڪجھ علائقن کي متاثر ڪيو هو، هينئر تائين جي شديد ترين زلزلن مان هڪ آهي، ريڪٽر اسڪيل تي هن زلزلي جي شِدَّت 7.6 ريڪارڊ ڪئي وئي هئي، ان زلزلي ايتري تباهي مچائي جو اڄ تقريباً 16 سال گذري ويا آهن، هينئر تائين ان تباهي جو نقصان پُورو نه ٿئي سگهيو آهي.

## قيامت واري زلزلي جي شِدَّت جو بيان

هي زلزلا جن جي پيمائش ڪري سگهجي ٿي، جيڪي زمين جي ڪنهن مخصوص حِصّي ۾ تباهي آڻن ٿا، هنن زلزلن جي اچڻ جو هڪ ظاهري سبب جيڪو سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو، اهو هي ته هڪ وڏو جبل آهي، جنهن جا ريشا (پاڙون) زمين اندر پکڙيل آهن، جنهن زمين تي زلزلي جو حڪم ٿيندو آهي، اهو جبل پنهنجي ان هنڌ واري پاڙ کي حرڪت ڏيندو آهي، جنهن سان زلزلو ايندو آهي.[1] هاڻي ٿورو غور ڪيو! صِرف جبلن جون پاڙون جيڪي زمين ۾ آهن، اهي لُڏڻ لڳن ته اهڙي تباهي ايندي آهي، دِليون ڏڪي وينديون آهن، سائنسي آلات صِرف پيمائش ڪري سگهن ٿا، زلزلي کي روڪي نٿا سگهن، وڏيون وڏيون مضبوط عمارتون ڍهي زمين تي اينديون آهن، انسان چاهي ڪيترو ئي طاقتور ڇو نه هجي، ڏڪڻ لڳندو آهي، هاڻي ٿورو ان زلزلي جي شِدَّت جو تَصَوُّر ڪيو! جڏهن جبلن جون پاڙون نه حرڪت ڪنديون بلڪ

[1]... فتاوی رضویہ، جلد:27، صفحہ:93۔

خُود جبل ريزه ريزه ٿي ڪپھ جي روئن جيان فضا ۾ وکڙجڻ لڳندا، تارا بارش جيان زمين تي ڇٽي ڪري پوندا، چنڊ ۽ سج بي نُور ٿي ويندا، وڏا وڏا گرھ پاڻ ۾ ٽڪرائجي ٽُڪرا ٽڪرا ٿي ويندا.

غور ڪيو! ان وقت جو زلزلو برپا ٿي ويندو، ڇا ان جي شِدَّت جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو؟ ڇا ڪو سائنسي آلو آھي جيڪو ان زلزلي جي پيمائش ڪري سگھي...؟ يقيناً ھر گز نٿو ڪري سگھي!!!

## قيامت جي زلزلي جي ھڪ مِثَال سان وضاحت

غيب ڄاڻندڙ نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت جي ان زلزلي جي شِدَّت کي ھڪ مِثَال سان سمجھايو، حديثِ پاڪ جو خُلاصو آھي: ان وقت زمين جو مِثَال ھيئن ھوندو، جيئن سمنڊ ۾ ھڪ ڪشتي ھجي، طُوفان ۾ ڦاسي پوي ۽ چئني طرفان زور دار طوفاني لهرون اچن ان ڪشتي ڪان ٽڪرائي رھيون ھجن ۽ ڪشتي جا مُسَافر منهن ڀر ڪِري رھيا ھجن، جنھن زور سان اھا ڪشتي لُڏي رھي ھوندي، قيامت جو زلزلو برپا ٿيڻ وقت زمين بہ اھڙي طرح لُڏي رھي ھوندي.[1]

## قيامت واري زلزلي جون ھولناڪيون

سيپاري: 17، سورت حج، آيت:1 ۽ 2 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَیْءٌ عَظِیْمٌ ﴿۱﴾ یَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّاۤ اَرْضَعَتْ وَ تَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا | ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ قيامت جو زلزلو وڏي سخت شيءِ آھي. جنھن ڏينھن توھان اُن کي ڏسندؤ(تہ ھي حالت ھوندي جو) ھر کير پيئندڙ ٻار کي وساري ويھندي ۽ ھر حمل واري پنھنجو حمل ڪيرائي وجھندي. |

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏھن

---

1... مُسْند اسْحاق بن راہویہ، مُسْنَدُ ابی ہریرہ، جلد:1، صفحہ:261، حدیث:10، ملتقطاً ـ

قيامت جو زلزلو برپا ٿيندو، ان وقت کير پيئارڻ واريون کير پياڪ ٻارن کي وساري ڇڏينديون، حمل وارين (ڳورهاري) جا حمل ڪري پوندا، ٻار خوف سبب پوڙها ٿي ويندا، ان وقت عجيب ڪهرام هوندو، ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهيا هوندا، هڪ ٻئي کي پُڪاري رهيا هوندا.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي آهي قيامت جو زلزلو...! جيڪو ڪائنات کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندو. اهڙي زلزلي جي متعلق الله پاڪ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ۙ﴿۱﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: جڏهن زمين ڌوڏي ويندي جيئن ان جو ڌُوڏڻ طئي آهي. |

## سُورت زِلزَال جي ٻي آيت جي وضاحت

سُورت زِلزَال جي ٻي آيت ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ۙ﴿۲﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ زمين پنهنجا بار ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي. |

هڪ قول مطابق هن آيت جو مطلب هي آهي ته جڏهن قيامت جو زلزلو ايندو، زمين زَور زَور سان لُڏي رهي هوندي، ڪهرام متل هوندو، ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهيا هوندا، ان وقت سون، چاندي وغيره تمام خزانا جيڪي زمين ۾ آهن، زمين ان سڀ کي ڪڍي ٻاهر اڇلائيندي. امام فَخرُ الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان وقت زمين جي ظاهري سطح سون (چاندي وغيره خزانن) سان ڀريل هوندي پر ڪو ان خزاني جي طرف نِگاهه کڻي نه ڏسندو، جڻ ته هي سون (چاندي ۽ خزانا) زبانِ حال سان پُڪاري پُڪاري چئي رهيا هوندا: انسانو...! ❖ مان ئي ته اهو آهيان جنهن جي لاءِ توهان پنهنجي دُنيا تباهه ڪندا هئا ❖ مان ئي ته اهو آهيان جنهن جي لاءِ توهان پنهنجي دِين کي نقصان

[1]... مُسْند اسْحاق بن راہویہ، مُسْنَدُ ابی ہریرہ، جلد:1، صفحہ:261، حدیث:10، ملتقطاً ۔

پهچايو.[1]

❖ ها! ها! منهنجي ئي خاطر توهان هڪ ٻئي جو ڳلو ڪپيندا هئا ❖ منهنجي لاءِ توهان پنهنجي ياءُ جو گريبان پڪڙيندا هئا ❖ منهنجي ئي لالچ ۾ توهان ماءُ پيءُ کي ڏُک پهچائيندا هئا ❖ منهنجي ئي لاءِ توهان پيچ ٻڪ ڪندا هئا ❖ مون کي حاصِل ڪرڻ جي حِرص ۾ ئي توهان نمازون قضا ڪندا هئا ❖ روزا ڇڏيندا هئا. آه...! ان وقت سون چاندي وغيره ماڻهن کي زبانِ حال سان پُڪاري رهيا هوندا پر ڪو انهن ڏانهن اک کڻي ڏسڻ وارو نہ هوندو.

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: زمين سون چاندي جي ٿنڀن جيان پنهنجي جگر جا ٽڪر اڇلائيندي ❖ قاتِل انهن کي ڏسي چوندا: اهڙي (مال) جي ڪري تہ مون قتل ڪيو هو ❖ رشتيداري ٽوڙڻ والا چوندو: انهيءَ ڪري مون رشتيداري ٽوڙي هئي ❖ چور ڏسي چوندو: انهيءَ مال جي ڪري مون چوري ڪئي هئي ۽ منهنجو هٿ ڪپيو ويو هو. پوءِ سيئي ان مال کي ڇڏي ڏيندا ۽ ڪو ان مان زرو بہ نہ کڻندو.[2]

دولتِ دنیا کے پیچھے تو نہ جا — آخرت میں مال کا ہے کام کیا؟
مالِ دنیا دو جہاں میں ہے وبال — کام آئے گا نہ پیشِ ذوالجلال
ہو عطا یا ربّ! ہمیں سوزِ بلال — مال کے جنجال سے ہم کو نکال[3]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! — صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سُورت زِلزال جي ٽئين آيت جي وَضاحت

الله پاڪ سُورت زِلزَال ۾ وڏيڪ ارشاد فرمائي ٿو:

---

[1]... تفسير ڪبير، پاره:30، سورۀ زلزال، زيرِ آيت:2، جلد:11، صفحہ:254 مفصّلاً۔
[2]... مسلم، ڪتاب الزڪاة، صفحہ:363، حديث:1013۔
[3]... وسائل بخشش، صفحہ:709-710۔

| | |
|---|---|
| وَ قَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ۚ﴿۳﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ انسان چوندو: هن کي ڇا ٿيو؟ |

يعني قيامت جي ان هولناڪ زلزلي جي وقت جيڪي ماڻهو موجود هوندا، اهي حيرت وچان چوندا: زمين کي ڇا ٿيو؟ هي ڇو هيئن زور زور سان لُڏي رهي آهي...؟[1]

امام فخر الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عالم سڳورن جو هڪ قول هي آهي ته جيڪي ڪافِر قيامت جو اِنڪار ڪن ٿا، جڏهن قيامت قائِم ٿيندي، مُردن کي ٻيهر زِنده ڪيو ويندو، تڏهن ڪافر حيرت وچان چوندا: مَا لَها؟ هن زمين کي ڇا ٿي ويو؟[2] يعني اسان ته سمجهندا ئي نه هئاسين ته قيامت ايندي، هي ڪيئن اچي وئي؟ سُورت يٰسين شريف ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: جڏهن مُردن کي ٻيهر زِنده ڪيو ويندو ته ڪافِر چوندا:

| | |
|---|---|
| مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ مَّرْقَدِنَا ۜ (پاره:23، سورهٔ يٰسين، آيت:52) | ترجمو ڪنز العرفان: ڪنهن اسان کي اسان جي ننڊ مان جاڳايو؟ |

مسلمان جيڪي قيامت تي يقين رکن ٿا، اهي انهن ڪافِرن جي جواب ۾ چوندا:

| | |
|---|---|
| هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَ صَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۵۲﴾ (پاره:23، سورهٔ يٰسين، آيت:52) | ترجمو ڪنز العرفان: هي اهو آهي جنهن جو رحمٰن واعدو ڪيو هو ۽ رسولن سچ فرمايو. |

## سورت زِلزَال، آيت: 4-5 جي وضاحت

سورت زِلزَال ۾ وڌيڪ ارشاد آهي:

---

1... تفسير صراط الجنان، پاره:30، سورهٔ زلزال، زيرِ آيت:3، جلد:10، صفحه:790.

2... تفسير ڪبير، پاره:30، سورهٔ زلزال، زيرِ آيت:3، جلد:11، صفحه:255.

| | |
|---|---|
| يَوْمَىٕذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ﴿۴﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: ان ڏينهن اها پنهنجون خبرون ٻڌائيندي. |

يعني جڏهن هي مُعَامَلات ٿي ويندا، قيامت قائِم ٿي ويندي، سيئي ميدانِ مَحشَر ۾ پهچي ويندا، تڏهن زمين چوندي، زَمين پنهنجون خبرون بيان ڪندي، زمين ٻڌائيندي ته ڪنهن زمين تي ڪهڙا عَمَل ڪيا؟[1] ۽ هي ڪيئن ٿيندو؟ زمين ته بي جان آهي، ان جي ته زبان ئي نه آهي، پوءِ زمين ڪيئن چوندي؟ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ﴿۵﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: ان ڪري جو تنهنجي رب هن کي حڪم ڏنو. |

الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي الله پاڪ وڏي فضيلتن سان نوازيو، جن کي الله پاڪ قدرت عطا فرمائي، سندن اشاري سان چنڊ ٻه ٽڪرا ٿي ويندو هو، هو اشارو ڪن ته پٿر ڪلمو پڙهندا هئا، سندن برڪت سان بي جانن ۾ جان پئجي ويندي آهي، وڻ، پٿر سندن خِدمت ۾ سلام عرض ڪندا هئا، جڏهن الله پاڪ جا محبوب نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سان ايتري قدرت رکن ٿا ته خُود الله پاڪ جي قُدرت جو ڇا عالَم هوندو...!! لهٰذا زمين توڙي جو بي جان آهي، زمين ڳالهائي نٿي سگهي، زمين جي زبان نه آهي، زمين جا ڪن ۽ اکيون نه آهن پر الله پاڪ جي قُدرت آهي جو اها زمين اسان جي عملن کي ڏسي ٿي ۽ قيامت جي ڏينهن جڏهن الله پاڪ حڪم ڏيندو ته هي زمين چوندي ۽ اسان جي عملن جي باري ۾ خبر پڻ ڏيندي.

## قيامت جي ڏينهن زمين شاهدي ڏيندي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها آيت يَوْمَىٕذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ﴿۴﴾ تلاوت فرمائي، پوءِ

[1]... تفسير ڪبير، پاره:30، سورۀ زلزال، زير آيت:4، جلد:11، صفحه:255۔

فرمايائون: توهان کي خبر آهي تہ هن (زمين) جون خبرون ڪهڙيون آهن؟ صحابي سڳورن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمْ عرض ڪيو: الله پاڪ ۽ ان جا رسول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ ڄاڻن ٿا. حضورِ اَقدس صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: زمين جون خبرون هي آهن تہ زمين هر مرد ۽ عورت لاءِ ان جي عملن جي شاهدي ڏيندي، جيڪي انهن هن زمين تي ڪيا، هوء چوندي: هن فلاڻي ڏينهن اهو عمل ڪيو ۽ ان فلاڻي ڏينهن هي عمل ڪيو هو، هي ان جون خبرون آهن.[1]

مسلمانن جي چوٿين خليفي اَمِيرُ المُؤمِنِين مولا علي مشڪل ڪشا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي عادت مبارڪ هئي تہ پاڻ جڏهن بيت المال مان خزانو ورهائيندا هئا تہ اتي نماز پڙهندا هئا ۽ بيت المال جي در و دِيوار، ان جي زمين کي مخاطب ڪري فرمائيندا هئا: بيت المال جا در و دِيوار! گواهہ ٿي وڃو! مون حق سان توهان ۾ خزانو وڌو ۽ حق سان خرچ ڪيو.[2]

اي عاشقانِ رسول! اها زمين جيئن تہ قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏيندي، لٰهذا هن کان محتاط رهڻ گهرجي، اسان کي کپي تہ اسان زمين کي پنهنجي نيڪين جو گواهہ بڻايون، زمين تي نمازون پڙهون، ذِڪرُ الله ڪري هن زمين کي، انهن وڻن کي، پٿرن کي، زمين جي ذرّن کي پنهنجو گواهہ بڻايون.

## رستي کي ذِڪرُ الله جو گواهہ ڪندا هئا

هڪ بزرگ حضرت اَبُو الْمَلِيْح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گذريا آهن. سندن مبارڪ عادت هئي تہ ڪيڏانهن ويندي راهہ ۾ ذِڪرُ الله ڪندا رهندا هئا، جيڪڏهن ڪڏهن ذِڪر ڪرڻ وساري ڇڏيندا هئا تہ واپس موٽي بيهر ان راهہ تان ذِڪرُ الله ڪندي لنگهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: مان چاهيان ٿو تہ مان زمين جي جنهن حِصي تان لنگهان هو قيامت جي ڏينهن منهنجي ذِڪرُ الله جي شاهدي ڏي.[3]

---

[1]... ترمذی، صفحہ:577، حدیث:2429۔

[2]... تفسیر کبیر، پارہ:30، سورۂ زلزال، زیرِ آیت:4، جلد:11، صفحہ:255۔

[3]... تَنْبِيهُ الْمُغْتَرِّين، صفحہ:88۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! اسان جي بزرگن جون ڪيفيتون ڪيتريون پياريون هيون جو جيڪڏهن ڪنهن گهٽي مان لنگهندا هئا تہ ذِڪر اللّٰه رهجي ويندو هو تہ ٻيهر موٽي ويندا هئا ۽ وري ذِڪرُ اللّٰه ڪندي اتان لنگهندا هئا تہ متان ڪا گهٽي، ڪو علائقو اهڙو نہ هجي جتان بنا ذِڪرُ اللّٰه جي لنگهجي. آه! هڪ اسان آهيون جو غفلت جو شِڪار رهون ٿا، افسوس! اهڙا نادان بہ آهن جيڪي سفر دوران گُناهن ۾ مَصرُوف رهن ٿا، ڪار ۾، ويگن، بس، ٽرين ۽ جهاز وغيره ۾ فلمون، ڊراما ڏسندي ۽ گانا ٻڌندي ٽائيم پاس ڪن ٿا، گهٽي، علائقي مان لنگهندي موبائل تي گانا ٻڌندي يا ڳائيندي لنگهن ٿا. اهڙن کي غور ڪرڻ گهرجي تہ هو زمين کي ڪنهن ڳالھ تي پنهنجو گواھ بنائي رهيا آهن. پياري نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: تَحَفَّظُوْا مِنَ الْاَرْضِ يعني زمين کان بچي رهو...! فَاِنَّهَا اُمُّكُمْ بيشڪ هي توهان جي اَصل آهي وَاِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَحَدٍ عَمِلَ عَلَيْهَا خَيْرًا وَّ شَرًّا اِلَّا هِيَ مُخْبِرَةٌ جيڪو بہ ٻانهو هن زمين تي ذَرّي برابر نيڪي ڪندو يا بُرائي ڪندو، قيامت جي ڏينهن اها زمين ان جي باري ۾ گواهي ڏيندي.

## ست پٿر جبل بڻجي ويا...!

الحمد للّٰه! اسان جي بزرگ سڳورن جي عادت هئي تہ هو زمين کي پنهنجي ايمان جو گواھ بڻائيندا هئا. سيدي اعليٰ حضرت، امام اهلسنت شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڀيري جبل پُور (هند) تشريف وٺي ويا، اتي جبلن جي پاسي مان لنگهيا تہ ساڻس جيڪي مريد ۽ ٻيا ماڻهو هئا، اهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، ان تي پِيرِ ڪامِل سيدي اعليٰ حضرت امام اهلسنت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن فرمايو: هنن جبلن کي ڪلمہ شهادت پڙهي گواھ ڇو نٿا ڪيو...!! پوءِ پاڻ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌايائون: هڪ شخص جو معمول هو جڏهن مسجد ايندو هو تہ 7 پٿر جيڪي مسجد جي ٻاهران رکيل هئا، انهن وٽ ڪلمہءِ شهادت پڙهي پنهنجي ايمان جو گواھ بڻائيندو هو، اهڙي طرح جڏهن واپس موٽندو هو تہ گواھ ڪندو هو، ان جي انتقال کان بعد ملائڪ ان کي جهنّم ڏانهن ڪٺي ويا، انهن

ست پٿرن 7 جبل ٻڌجي جهنّم جا ست ئي دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ چيائون: اسان هن جي ڪلمي پڙهڻ جا گواهه آهيون. هيئن پٿرن کي گواهه بنائڻ جي برڪت سان انهن کي جهنّم مان نجات ملي. پوءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سيني کي ترغيب ڏياريندي فرمايائون: جڏهن پٿر جبل ٻڌجي جهنّم کان رُڪاوٽ ٻڌجي ويا پوءِ اهي ته جبل آهن. اهو ٻڌي سيئي وڏي آواز سان ڪلمهء شهادت پڙهڻ لڳا. [1]

جانشينِ اميرِ اهلسنت، الحاج مولانا عبيد رضا عطّاري مدني مَدَّ ظِلُّه العَالِي فرمائن ٿا: 1418 هجري جي ڳالهه آهي، اسان شارجه ۾ هئاسين، هڪ پيري ڪٿان ڪان لنگهي رهيا هئاسين جو شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ وڻ جي هيٺان بيٺا ۽ بلند آواز سان ڪلمو پاڪ پڙهيائون، پڇڻ تي ارشاد فرمايو: الحمد لله! مون ان وڻ کي بلند آواز سان ڪلمو پاڪ ٻڌي پنهنجي ايمان تي گواهه بڻايو آهي.

شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هڪ نرالي ادا هي به آهي ته پاڻ ڪيئي ڀيري مدينه پاڪ جي پاڪيزه وڻن کي ڪلمو پاڪ ٻڌائي پنهنجي ايمان جو گواهه بڻايو آهي. پنهنجي هڪ شعر ۾ لکن ٿا:

ایماں پہ ہیں شاہد مرے اشجار مدینہ      پڑھ پڑھ کے سنایا ہے انہیں کلمہ طیب [2]

الله پاڪ اسان کي به زمين، وڻن، پٿرن وغيره کي پنهنجي نيڪين جو، پنهنجي ايمان جو گواهه بنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]… ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:313 خلاصۃً ۔

[2]… وسائل بخشش، صفحہ:361۔

# سورت زِلزال جي آيت: 6 جي وضاحت

سُورت زِلزال، آيت: 6 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

يَوْمَىٕذٍ یَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ﳔ لِّیُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ؕ(۶)

ترجمو ڪنز العرفان: ان ڏينهن ماڻهو مختلف حالتن ۾ موٽندا ته جيئن انهن کي انهن جا عمل ڏيکاريا وڃن.

هن آيت جي هڪ معني هي آهي ته قيامت جي ڏينهن جڏهن قبرن مان ماڻهن کي اٿاريو ويندو ته اهي ميدانِ محشر ڏانهن ويندا ۽ مختلف حالتن ۾ هوندا، ڪنهن جو چهرو سفيد هوندو، ڪنهن جو چهرو ڪارو هوندو، ڪو سُوار هوندو ۽ ڪو زنجيرن ۽ ٻيڙين ۾ جڪڙيل پيدل هلي رهيو هوندو، ڪو امن جي حالت ۾ هوندو ۽ ڪو خوفزده هوندو. ۽ اهي سيئي ميدانِ محشر ڏانهن ڇو ويندا؟ ان ڪري جو جيئن انهن کي انهن جا عمل ڏيکاريا وڃن.(1)

# سُورت زِلزال جي آيت: 7-8 جي وضاحت

سُورت زِلزال جي آخري ٻن آيتن ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَمَنْ یَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَیْرًا یَّرَهٗ ؕ(۷)
وَ مَنْ یَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا یَّرَهٗ ۠(۸)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جيڪو هڪ ذري برابر ڀلائي ڪري اهو ۽ ان کي ڏسندو جيڪو هڪ ذري برابر برائي ڪري اهو ان کي ڏسندو.

هي آهي اسان جي ذِميداري جو بيان...! جيڪڏهن اسان اڄ منٽ جي ٻه نيڪي ڪيون ته اها محفوظ رکي ويندي، اهڙي طرح ڪو ڪجهه سيڪنڊن جو به گُناھ ڪري ته اهو محفوظ رکيو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن سامهون رکيو ويندو. لهٰذا اسان تي لازم آهي ته اسان پنهنجي مختصر زندگي جو هڪ هڪ لمحو وڏي ذِميداري سان گذاريون، ڇو ته قيامت جي ڏينهن اسان جو ننڍي کان ننڍو عَمَل اسان جي سامهون رکيو ويندو.

---

1... تفسير صراط الجنان، پاره:30، سورۂ زلزال، زير آيت:6، جلد:10، صفحه:792.

## وقت برباد ڪرڻ انداز مسلماني نہ آهي!

اسان وٽ ڪوڙ سارا ڪم بَس **"هئين ئي (يعني فُضُول ۾)"** ڪيا ويندا آهن، بازار ڇو وئين هوئين؟ **هئين ئي.** ڇو ڪيڏي رهيا آهيو؟ **هئين ئي.** موبائل تي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ **ڪجھ نہ بس هئين ئي.** فُلاڻو ڪم ڇو ڪيو؟ **هئين ئي.** دوستن سان گڏ ڇا ڪري رهيو هوئين؟ **ڪجھ نہ بَس هئين ئي، ٽائِم پاس.** هي جيڪو **"هئين ئي (يعني هروڀرو، فُضُول)"** آهي، يقين مڃو! هي هڪ مسلمان جي زبان تي جچي ئي نٿو، مسلمان قيامت تي يقين رکي ٿو، اسان جو عقيدو آهي تہ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿيڻو آهي، اسان کان پڇيو ويندو، پوءِ هي ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ اسان ڪو ڪم بنا سوچي سمجھڻ جي بَس **"هئين ئي"** يعني فُضُول ۾ ڪيون...؟

**حضرت شُرَيح** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **بِن شخصن ڪي فضول ڪم ۾ ڏٺائون تہ فرمايائون:** اَلْفَارِغُ مَا اُمِرَ بِهٰذَا فارِغ شَخص ڪي هن ڪم جو حڪم ناهي ڏنو ويو، **الله پاڪ جو فرمان آهي:**

| | |
|---|---|
| فَاِذَا فَرَغۡتَ فَانۡصَبۡ ﴿۷﴾ (پاره 30، الم نشرح:7) | **ترجمو ڪنز العرفان: جڏهن تون واندو ٿئين تہ خوب ڪوشش ڪر.** |

**يعني پنهنجي فارِغ وَقت کي عِبَادت ۾ لڳايو مطلب هي تہ جڏهن هڪ عِبَادت کان فارِغ ٿين تہ ٻي عبادت شروع ڪر ۽ ڪنهن وَقت عِبَادت کان خالي نہ رهُ ڇو تہ عالَم کي پيدا ڪرڻ جو اَصلي مقصد اهو ئي آهي.**[1]

*زندگی آمد برائے بندگی — زندگی بے بندگی شرمندگی*

**وضاحت: يعني زِندگي الله پاڪ جي عِبَادت جي لاءِ آهي، عبادت جي بغير زِندگي زِندگي نہ آهي بلڪ شرمندگي بڻجي ويندي آهي.**

---

[1]... انوارِ جمالِ مصطفٰے صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم، ص323 بتغیّر قلیل۔

## سياڻي جو انتظار نہ ڪيو...!

هڪ اها مصيبت بہ اسان وٽ عام آهي: **سياڻي ڪندس.** ڪوڙ سارا ماڻهو نفس ۽ شيطان جي ڌوڪي ۾ اچي پنهنجو پاڻ کي ڪوڙيون تسليون ڏيندا رهن ٿا، مثال طور مان سياڻي کان نيڪيون شروع ڪندس، هن جمعي کان نيڪ بڻجي ويندس. رمضان المبارڪ کان نمازون شروع ڪندس. سياڻي تَوبہ ڪندس وغيره. هي محض نفس ۽ شيطان جي چال آهي. ٿورو غور ڪيو! سياڻي اچڻ تائين جيڪو يا رمضان المبارڪ اچڻ تائين جيڪو وقت آهي، هي وقت بہ تہ اسان جي زِندگي ئي جو حِصو آهي، قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن ان وقت جو حِسَاب ورتو ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو...؟

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن — قبر میں ہو گا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دکھانا ایک دن — اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے — کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## ڪو بُرائي لڪي نٿي سگهي...!

**اي عاشقانِ رسول!** اسان ۽ اسان جي زِندگي جو ڪو بہ لمحو الله پاڪ کان لڪي نٿو سگهي، قيامت جي ڏينهن اسان جو ننڍي کان ننڍو عمل بہ اسان جي سامهون ڪيو ويندو. **حضرت لقمان حڪيم** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ **هڪ** پيري پنهنجي پٽ کي نصيحت فرمائي، جنهن کي الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ذِڪر فرمايو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

يٰبُنَيَّ اِنَّهَاۤ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ

(پاره:21، سورۂ لقمان، آيت:16)

ترجمو ڪنز العرفان: اي منهنجا پٽ! برائي جڏهن رائي جي داڻي جي برابر هجي پوءِ اها پٿر جي ڇٽان ۾ هجي يا آسمانن ۾ يا زمين ۾، الله اُن کي آڻيندو.

يعني اي منهنجا پٽ! بُرائي جيڪڏهن ڪڻڪ جي داڻي برابر (بلڪل ننڍڙي) هجي، پوءِ ايتري ننڍڙي هئڻ سان گڏوگڏ اها ڪهڙي ئي جڳهه ۾ هجي، اها جڳهه ڪيتري ئي لڪيل هجي، مثال طور پٿر جي ڇٽان ۾ هجي يا آسمانن ۾ هجي يا زمين ۾ هجي، اها بُرائي هر گز هرگز الله پاڪ کان لڪي نٿي سگهي، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان بُرائي کي حاضِر ڪندو ۽ ان جو حساب وٺندو.[1]

## اَعمال نامي ۾ سڀ ڪجهه موجود هوندو

افسوس! اهو وقت...! آه! اهو قيامت جو ميدان...! جڏهن سج سَوا مِيل جي مفاصلي تي رِهي باهه وسائي رهيو هوندو، ٽامي جي ٺهڪندڙ زمين هوندي، ماڻهو گرمي سان بيتاب، پگهر سان پريل هوندا، ڪجهه ته پنهنجي ئي پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي قيامت تائين ايندڙ تمام انسان ميدانِ محشر ۾ هوندا، آه! ان وقت اسان جو اَعمال نامو اسان جي هٿ ۾ ڏنو ويندو... آه! صد ڪروڙ آه! مُجرِم ۽ گنهگار جڏهن پنهنجو ڪارو ڪارو، گناهن پريو اَعمال نامو ڏسندا ته حسرت ۽ ندامت سان دانهون ڪندا:

| | |
|---|---|
| يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّاۤ اَحْصٰهَا ۚ (پاره:15، سورۂ کہف، آیت:49) | ترجموڪنز العرفان: هاءِ اسان جي بربادي! هن اعمال نامي کي ڇا ٿيو آهي جو ان هر ننڍي ۽ وڏي گناهه کي شمار ڪري ورتو آهي. |

مسلمانن جي ٻئي خليفي اَميرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ ڀيري خُطبو ڏيندي فرمايائون: اي انسانو! توهان جو حساب ورتو وڃي ان کان پهريان پنهنجو حِسَاب ڪريو ۽ عمل تورڻ کان پهريان پنهنجي عملن جو وزن ڪيو! ان ڏينهن جي تياري ڪيو جنهن ڏينهن توهان سيئي الله رَبُّ

[1]... تفسير صراط الجنان، پارہ:21، سورۂ لقمان، زیرِ آیت:16، جلد:7، صفحہ:493۔

العالمين جي بارگاھ ۾ پيش ڪيا ويندا، ان ڏينهن توهان مان ڪنهن جي ڪا لڪيل حالت لڪي نہ سگهندي.[1]

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ!

برائیوں پہ پشیماں ہوں، رحم فرمادے ہے تیرے قہر پہ حاوی تری عطا یاربّ!

گناہ بے عدد اور جرم بھی ہیں لاتعداد معاف کردے نہ سہ پاؤں گا سزا یاربّ!

## معمولي لاپرواهي جو انجام

حضرت حارث محاسبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص اناج وغيره ماپڻ جو ڪم ڪندو هو، پوءِ ان اهو ڪم ڇڏي ڏنو ۽ الله پاڪ جي عبادت ۾ مَشغول ٿي ويو، جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ ان جي گهر مان ڪنهن ان ڪي خواب ۾ ڏسي پڇيائين: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ الله پاڪ تو سان ڪهڙو مُعَاملو فرمايو؟ ان چيائين: منهنجو اهو پيمانو (مثال طور ترازُو وغيره) جنهن جي ذريعي مان اَن ماپيندو هئس، (منهنجي بي احتياطي جي ڪري) ان ۾ ڪجھ مٽي جمي وئي هئي، مون لاپرواهي ڪئي ۽ ان کي صاف نہ ڪيو، پوءِ جڏهن بہ مان ان پيماني جي ذريعي اَن ماپيندو هئس تہ اُن مٽي جي مِقدار اَن گهٽ ٿي ويندو هوا، بَس انهيءَ قُصُور سبب عِتاب ۾ گرفتار آهيان.

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! بظاهر هڪ معمولي لاپرواهي جنّت ۾ داخلي کان رُڪاوٽ بڻجي وئي، لهٰذا اسان جي زِندگي جو هر هر لمحو قيمتي آهي، اسان جيڪيون ڳالهيون ٿا، اسان جيڪو ٻڌون ٿا، اسان جيڪو ڪيون ٿا، هي سڀ اسان جي اَعمال نامي ۾ محفوظ ٿي رهيو آهي، سڀاڻي قيامت جي ڏينهن هي سڀ ڪجھ اسان جي سامهون رکيو ويندو. آه! جيڪڏهن اسان کان اسان جي گُنَاهن جو حساب ورتو ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ هاءِ! هاءِ! اڄ زبان

[1]... مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الزہد، جلد:8، صفحہ:149، حدیث:18۔

هلي ٿي تہ بِنا سوچڻ سمجهڻ جي هلي ٿي پوءِ ڪوڙ، غيبتون، چغليون، دِل آزاريون، خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گُناهہ زبان سان ٿيندا ئي رهن ٿا، اکين جي پُوري طرح حِفَاظت بہ اسان کان نٿي ٿي سگهي، ڪنن کي بُريون ڳالهيون ٻڌڻ کان اسان نٿا بچائي سگهون ۽ وڌيڪ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گُناهہ ڏينهن رات ٿين ٿا، آه! هي ڪمزور بدن، هاءِ! هاءِ! اهي جهنّم جا دردناڪ عذاب...! آه! جيڪڏهن محشر جي ڏينهن اَعمَال نامو کوليو ويو، جيڪڏهن اسان کان حِسَاب ورتو ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو...!!

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں — کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ!

برائیوں پہ پشیماں ہوں، رحم فرمادے ہے — تیرے قہر پہ حاوی تری عطا یاربّ!

گناہ بے عدد اور جرم بھی ہیں لاتعداد — معاف کردے نہ سہ پاؤں گا سزا یاربّ!

## بارگاهِ اِلٰهي ۾ پيشي جو خَوف

ڪاش! اسان جي دِل ۾ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضِري جو تَصَوُّر ويهي رهي، ڪاش! اسان هر وقت بارگاهہ اِلٰهي ۾ حاضِري کي خيال ۾ رکي زِندگي گذارڻ وارا بڻجي وڃون. يقين مڃو! قيامت جو امتحان گهڻو سخت آهي، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن اسان کان حِسَاب ورتو ويو تہ ندامت جي علاوه ٻيو ڪجهہ هٿ نہ ورندو. حضرت منصُور مغربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ نيڪ شخص جو انتقال ٿيو، مون انهن کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو مُعَاملو فرمايو؟ چيائون: الله پاڪ مون کي پنهنجي بارگاهہ ۾ بيهاريو مان جنهن گُنَاهہ جو اِقرار ڪندو هئس، الله پاڪ اُن گُنَاهہ کي مُعَاف فرمائيندو رهيو پر شرم جي ڪري مان هڪ گُنَاهہ جو اِقرار نہ ڪري سگهيس، ان تي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ مون کي اهڙي شرمندگي ٿي جو مان پگهر ۾ شل

ٿي پيس ۽ منهنجي ڇهري جو گوشت ڇٽي پيو.[1]

لاج رکھ لے گناہگاروں کی نام رحمٰن ہے ترا یارب !

عیب میرے نہ کھول محشر میں نام ستّار ہے ترا یارب !

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے ترا یارب !

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيو ائير نائٽ (New Year Night) ۾ طوفانِ بدتميزي

پيارا اسلامي ڀائرو! نئون عيسوي سال يعني 2022 اچي رهيو آهي. 31 ڊسمبر جي رات جو 12 ٿيندي ئي "نيو ائير نائٽ (New Year Night)" جي نالي تي جيڪو طوفانِ بدتميزي برپا ٿيندو آهي، الامان والحفيظ! خاص ڪري نوجوان ته گهڻو ئي آپي کان ٻاهر ٿي ويندا آهن ❖ ناچ ڳاني جون محفلون سجن ٿيون ❖ شراب پيتو ويندو آهي ❖ جوا کيڏيو ويندو آهي ❖ رات جو 12 ٿيندي ئي ڪروڙين روپيا آتش بازي جي نالي تي ساڙي رک ڪيا ويندا آهن ❖ هوائي فائرنگ ٿيندي آهي ❖ ڇڙواڳ نوجوان روڊن تي هُل هنگامو ڪندا آهن ❖ ڪيئي نوجوان ته وَن وِيلنگ (One Wheeling) ڪندي موت جو شڪار پڻ ٿي ويندا آهن.

## "نيو ائير نائٽ" جي پروگرامن جون تباه ڪاريون

"نيو ائير نائٽ" جي نالي تي ٿيندڙ فنڪشنز (Functions) ۾ ڪيئي ماڻهو زهريلو شراب پي يا هوائي فائرنگ سبب يا آتش بازي جي نتيجي ۾ باهه ۾ سڙي مري ويندا آهن. مختلف خبرن مطابق ❖ پيرا گوءِ ۾ نيو ائير نائٽ تي آتش بازي جي نتيجي ۾ 400 افراد هلاڪ ۽ سوين زخمي ٿيا ❖ بيونس آئرس نالي هڪ شهر ۾ نئين سال جي خوشي ۾ موسيقي جي هڪ پروگرام دوران

---

[1]... احیاءُ العلوم، جلد:5، صفحہ:654۔

آتش بازي ڪئي وئي، جنهن سبب 300 افراد هلاڪ ۽ 500 کان وڌيڪ زخمي ٿيا ❖ برطانيه ۾ 2020 جي نيو ائير نائٽ تي ٿيندڙ آتش بازي 1362 ماڻهن کي متاثر ڪيو، انهن مان ڪوڙ سارن جا عضوا بيڪار ٿي ويا، 40 گهرن کي باهه لڳي وئي، 500 گاڏيون تباهه ٿي ويون ۽ 4 هزار 825 جانور به سڙي مَري ويا ❖ هڪ سروي مطابق نيو ائير نائٽ تي صرف امريڪ ۾ 171 ارب ڊالر جو شراب پيتو ويندو آهي، 600 ملين ڊالر جي آتش بازي ٿيندي آهي ۽ نوجوان اربين ڊالر ناچ گانن وارن ڪلبن ۾ اُڏائي ڇڏيندا آهن.

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی — جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجل بھی
بس اب اپنے اس جہل سے تُو نکل بھی — یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے — یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## نيو ائير نائٽ ڪيئن ملهايون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هوئين ته اسلامي سال شروع ٿئي مُحَرَّمُ الحرام کان ٿيندو آهي ۽ شروع ٿيندي ئي اسان کي مسلمانن جي ٻئي خليفي اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي تقويٰ ۽ پرهيز گاري جي، سندن عشق رسول جي، سندن عدل و انصاف جي ياد ڏياري ٿو. پوءِ ان سان گڏوگڏ شهداءِ ڪربلا، بالخصوص امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام حضرت امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي دين سان محبت، دِين جي لاءِ ڏنل سندن قربانين جي ياد ڏياري ٿو ۽ غفلت کان بيداري جو پيغام ڏي ٿو.

بهر حال! جيڪڏهن ڪو عيسوي تاريخ جي لحاظ سان به نئين سال جو استقبال ڪرڻ چاهي ته ان جا ڪوڙ جائز بلڪ نيڪين ڀريا طريقا ٿي سگهن ٿا، مثال طور ❖ نئون سال شروع ٿيڻ سان فِڪرِ آخرت جو دَرس حاصِل ڪيو يعني هي غور فرمايو ته **"منهنجي زِندگي مان هڪ سال گهٽ ٿي ويو ۽ مان موت کان وڌيڪ قريب ٿي ويس، ان سان گڏوگڏ جيڪو سال گذريو آهي، ان جو**

**جائزو ورتو وڃي تہ مون ڇا وڃايو، ڇا حاصل ڪيو.“**

غافل تجھے گھڑیال یہ دیتا ہے منادی　　قدرت نے گھڑی عمر کی اک اور گھٹادی

❖ عزيز رشتيدار، دوست احباب جيڪي گذريل سال دُنيا مان رخصت ٿيا ۽ هاڻي اونداهي قبر ۾ آرام فرما آهن، انهن کي ياد ڪيو! اُنهن جي دُنيا مان وڃڻ کان عبرت حاصل ڪيو! تہ منهنجي ويجهو رهندڙ منهنجا دوست احباب دُنيا مان رخصت ٿي ويا تہ يقيناً هڪ ڏينهن مون کي بہ دُنيا مان وڃڻو آهي.

موت سے کس کو رستگاری ہے　　آج وہ تو کل ہماری باری ہے

**مشڪل لفظ جو معني**: رَستگاري: يعني ڇوٽڪارو.

❖ ان سان گڏوگڏ پنهنجن عملن جو جائزو بہ وٺڻ گهرجي مثال طور اسان غور ڪيون تہ پوئين پيري جڏهن نئون سال شروع ٿيو هو، ان وقت کان وٺي هاڻي تائين اسان ڪيتريون نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهياسين؟ آه! اَعمَال نامي ۾ ڪيترن گُناهن جو اِضَافو ٿيو آهي...! ❖ نئين سال جي ابتدا جي موقعي تي اسان پنهنجي گُناهن کان توبہ ڪيون ❖ نئون سال شروع ٿي رهيو آهي، نئين سال جي ابتداء نيڪين سان ڪئي وڃي ❖ ذِڪرُ الله سان ڪئي وڃي ❖ نعت خواني سان ڪئي وڃي ❖ سجدن سان ڪئي وڃي ❖ هي نئون سال ملڻ، زِندگي جون ايتريون گهڙيون نصيب ٿيڻ هي بہ تہ الله پاڪ جي نعمت آهي، ان جو شڪر ادا ڪيو وڃي ❖ نئين سال جا نوان ٽارگيٽ بڻايا وڃن، سنيون سنيون نيتون ڪيون وڃن مثال طور ❖ هن ايندڙ نئين سال ۾ ايتري تِلاوتِ قرآن ڪندس ❖ ايترا درودِ پاڪ پڙهندس ❖ ايتريون نمازون پڙهندس ❖ جيڪر قضا نمازون آهن تہ انهن کي جلد کان جلد ادا ڪرڻ جي نيت ڪئي وڃي ❖ رمضان المبارڪ اچڻ وارو آهي، اعتڪاف جي نيت ڪئي وڃي ❖ هر مهيني مدني قافلي ۾ سَفَر جي نيت ڪئي وڃي ❖ نيڪ اَعمال جو رسالو روزانو پابندي سان پرڻ جي نيت ڪئي وڃي ❖ هفتيوار سنتن پري

اجتماع ۾ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ پابندي سان شرڪت جي نيت ڪئي وڃي.

## نيوائيرنائٽ ۾ مدني مذاڪرو

نيو ائير نائٽ (*New Year Night*) ڪي نيڪين ۾ گذارڻ جو هڪ بهترين طريقو هي بہ آهي تہ الحمد لله! شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن رات جو عموماً مدني چينل تي لائيو مدني مذاڪرو فرمائن ٿا، عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) جي علاوه بہ عاشقانِ رسول مختلف هنڌن تي گڏ ٿي هن رات مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪري الله پاڪ جي رحمتن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، لهٰذا مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي هاڻي کان نيت ڪري ونو! عِلمِ دين سکو! الله پاڪ چاهيو تہ نئين سال جي نئين گهڙين ۾ برڪت ٿيندي. اي ڪاش! اسان کي غفلت کان بيداري نصيب ٿئي، الله پاڪ اسان سڀن کي نيڪ بڻجڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ وقت جي قدر ڄاڻڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سلطان باهو رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ذِڪرِ خير

**اي عاشقانِ رسول!** اسلامي سال جو ڇهون مهينو **جمادَي الأُخريٰ** اچڻ وارو آهي، جمادَي الأُخريٰ جي پهرين (1st) تاريخ تي پنجاب (پاڪستان) جي نهايت مشهور ۽ معروف هستي سلطان العارِفِين شيخ سلطان باهو رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عرسِ پاڪ ٿيندو آهي، پهرين جمادَي الأُخريٰ تي شيخ سلطان باهو رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ايصالِ ثواب جو اهتمام بہ ڪيو! مڪتبة المدينہ جو تمام پيارو رسالو آهي: **فيضانِ سلطان باهو** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. اهو رسالو پڻ پڙهو! ان سان گڏوگڏ اچو! سلطان باهو رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ سبق آموز نصيحت بہ ٻڌون ٿا:

## عبرت ۽ نصيحت جا 5 مدني گل

شيخ سلطان باهو رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: راهِ سُلُوڪ (يعني حق جي، نيڪين جي

راهه) تي هلڻ واري تي پنج ڳالهيون لازم آهن: (1): رات جو اڪيلائي ۾ الله پاڪ جي ياد ۾ مشغول رهي (2): دِل ۾ الله پاڪ جي محبت پيدا ڪري (3): هر رات کي قبر جي رات سمجهي (4): جڏهن ڏينهن نڪري ۽ ماڻهو ننڊ کان بيدار ٿئي ته هيئن تَصَوُّر ڪري ته ڄڻ هي قيامت جو ڏينهن آهي ۽ هو قبر مان نڪري بيٺل آهي (5): هر ڏينهن کي پنهنجي لاءِ قيامت جو ڏينهن سمجهي ۽ پنهنجن عملن جو پاڻ ئي حساب ڪري.[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي زِندگي کي بامقصد بنائڻ، خوفِ خُدا جي نعمت، نيڪيون ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفَاظت جي لاءِ تڙپڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌ کان وڌ حِصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيم! دِين و دُنيا جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار اجتماع به آهي. اچو! هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جو ذِهن بنائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گُنَاهن ڀري زِندگي ۾ مدني انقلاب

ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زِندگي گذاري رهيو هئس، دُنيوي لذّتن ۾ مَصرُوف رهڻ منهنجو معمول هو، بُرن دوستن جي صحبت مون کي اجا وڌيڪ بگاڙي ڇڏيو هو، دوستن سان گڏجي سڄي رات گُنَاهن جو سلسلو جاري رهندو هو، هڪ ڀيري هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مَغرب جي وقت نماز جي دعوت ڏني، خبر ناهي ان جي دعوت ۾ ڪهڙو اَثر هو جو مان ان سان گڏ مسجد ڏانهن ويس، مغرب نماز پڙهي، نماز کان بعد هڪ

[1] ... مناقبِ سلطانی، صفحہ:251۔

اسلامي ڀاءُ **فيضانِ سُنَّت** مان دَرس ڏنو، دَرس کان فوراً بعد اسلامي ڀائرن هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ جي تياري شروع ڪئي. هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي بہ هفتيوار اِجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري، ان جو انداز ايترو پيارو هو جو مان هڪدم هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي پيس، پوءِ جلد ئي اسلامي ڀائرن سان گڏجي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي فضائن ۾ پهچي ويس، اتي سنتن ڀريو بيان ٻڌو، ذِڪرُ الله ۾ مَصرُوف رهيس، پوءِ رِقَّت انگيز دُعا ٿي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جو مون تي ايترو اَثر ٿيو جو مون دُعا جي دوران رَوئي رَوئي پنهنجي گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ آينده زِندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي پڪي نيت ڪئي، مون تي ڪيف و سُرور طاري هو، اجتماع تان واپسي کان بعد مون نمازن جي پابندي شروع ڪئي ۽ نيڪين ڀري زِندگي گذارڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويس.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو! اندھیرا ہی اندھیرا تھا، اجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو:** مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سنت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جڏهن توهان ڪنهن شخص کي**

[1]... مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب و السنۃ، الفصل الثانی، جلد1، صفحہ55، حديث:175

ڏسو تہ ان ۾ دُنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي وئي آهي تہ ان جي قربت ۽ صحبت اختيار ڪيو ڇو تہ ان کي حڪمت ڏني ويندي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** ❖ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سنّت آهي ❖ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. **اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم** ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ننڍا وڏا توهان جي عزت ڪندا ❖ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهہ دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي ❖ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ **اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم** عُمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ ادب سکندو ❖ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سني ڳالهہ ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي ❖ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهہ ڪٽي پنهنجي ڳالهہ شروع ڪرڻ سنّت ناهي ❖ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي بلڪ ڪنهن بہ حالت ۾ ٽهڪ نہ ڏيو ڇو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٽهڪ نہ ڏنو ❖ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي ❖ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. “مرآت شريف“ ۾ آهي: حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ گفتگو جا چار قسم آهن: (1) خالص مُضِرّ (يعني مڪمل طور تي نقصان ڏيندڙ) (2) خالص مفيد (يعني فائديمند) (3) مُضِرّ بہ مفيد بہ (4) نہ مُضر نہ مفيد. خالص مُضِر (يعني مڪمل نقصان ڏيندڙ) کان هميشہ بچڻ ضروري آهي. خالص مفيد ڳالهہ ضرور ڪريو، جيڪو ڪلام مُضِرّ بہ هجي ۽ مفيد بہ اُن جي

[1]... سننِ ابْنِ ماجہ، ڪتاب الزہد، صفحہ:667، حديث:4101۔

ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪري، بهتر اهو آهي تہ نہ ڳالهائي ۽ چوٿين قسم جي ڪلام ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. انهن ڪلامن (يعني چئني قسمن جي ڳالهين) ۾ امتياز ڪرڻ ڏکيو آهي تنهنڪري خاموشي بهتر آهي. ❖ ڪنهن سان جڏهن ڳالهہ ٻولهہ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهہ ڪئي وڃي ❖ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. ۽ بي حيائي جي ڳالهہ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهہ) کان ڪم وٺي ٿو. فحش ڳالهہ جي معني آهي: اَلتَّعۡبِيۡرُ عَنِ الۡاُمُوۡرِ الۡمُسۡتَقۡبِحَةِ بِالۡعِبَارَاتِ الصَّرِيۡحَةِ يعني شرمناڪ (مثال طور گندن ۽ بُرن) معاملن جو چٽن لفظن ۾ تذڪرو ڪرڻ.[1]

مری زبان تر رہے ذکر و درود سے　　بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فضول[2]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي **بهار شريعت** جلد:3، حصہ:16، ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو **"550 سنّتون ۽ آداب"** خريد فرمايو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو　　ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:34۔

[2]... وسائل بخشش، صفحہ:243۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1] (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

[2] (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] (القول البديع، الباب الثانى، ص277)

[2] (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

[3] (القول البديع، الباب الاول، ص125)

[4] (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ( مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

[2] (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)